هفتيوار رسالو

امير اهلسنت جي ڪتاب گفتگو جا آداب
مان چونڊ قسط ٻيون

# فضول ڳالهين

## کان بچڻ جي فضيلت

- الله پاڪ کي فضول ڳالهيون ناپسند آهن
- ماڻهوءَ جي خوبصورتي ڇا آهي؟
- ڳالهائڻ ۽ خاموش رهڻ جون 2 قسمون
- شيطان جو سڀ کان وڏو هٿيار

شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال
**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: فُضول ڳالهين کان بچڻ جي فضيلت

ڇاپو پهريون: ذيقعده 1447هہ، مئي 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

بـاني دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ و مولانـا محمـد اليـاس عطـار قـادري

## امير اهل سُنت

جي ڪتـاب ”گفتگو جـا آداب“ مـان هڪ قسط .

# فضول ڳالهين کان بچڻ جي فضيلت

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ**

**محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

### فضول ڳالهين کان بچڻ جي فضيلت


دعاءِ عطار ........................ 1
ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ ڪم اچي ويو ........................ 1
الله پاڪ کي فضول ڳالهيون ناپسند آهن ........................ 3
آيتِ مبارڪ جي تفسير ........................ 3
بيڪار ڳالهين کان بچڻ جي ترغيب ........................ 4
نجات ڇا آهي؟ ........................ 4
زبان جي حفاظت ڪرڻ جي ضرورت ۽ ان جا فائدا ۽ نقصان ........................ 5
کجور جو ٿالهه (واقعو) ........................ 5
ماڻهو ڪٿي تنهنجا ڏند نه پٽي ڇڏين ........................ 6
هڪ فضول سوال جي نرالي سزا (واقعو) ........................ 6
دوزخ جو عذاب ڪو برداشت نه ڪري سگهندو ........................ 7
وزندار اعمال ........................ 7
انسان جي خوبصورتي ڪهڙي آهي؟ ........................ 8
آقا صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي نصيحت ........................ 8
دعاءِ مصطفٰي ........................ 8
اللهُ ربُّ الْعِزّت جي نظرِ عنايت ڦري وڃڻ جي علامت ........................ 9
فضول ڳالهائڻ واري جا گناهه سڀ کان وڌيڪ ........................ 9
حضرت عبد الله ابن ابي اَوفٰي جو ذڪر خير ........................ 10
زڪوٰة ڏيڻ واري جي لاءِ دعا ........................ 10
صحابيِ نبي سان امام ابو حنيف جي ملاقات ........................ 11
فضول ڳالهه ڇا کي چوندا آهن؟ ........................ 11
خاموشي فڪرِ آخرت سان خالي هجي ته غفلت آهي ........................ 12
مون کي توهان تي غفلت جو خوف آهي ........................ 13

بلڪ نمازون قضا ٿي وڃڻ تي روئي رهيو آهيان ............ 14
روئندو جهنم ۾ داخل ٿيندو............ 14
بزرگ خواب ۾ بشارت ڏني ............ 15
ڳالهائڻ ۽ چپ رهڻ جا ۾ قسم ............ 18
زبان جي حفاظت نہ ڪرڻ واري تي شيطان غالب اچي ويندو آهي ............ 19
شيطان جو سڀ کان وڏو هٿيار ............ 20
صديقِ اڪبر وات ۾ پٿر رکندا ها ............ 20
40 سالن تائين خاموشي جي مشق (واقعو) ............ 20
گفتگو لکي ڪري ان جو جائزو وٺڻ وارو بزرگ ............ 21
گفتگو جي جائزي جو طريقو............ 21
اعمال جو جائزو ............ 22

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# فضول ڳالهين کان بچڻ جي فضيلت[1]

## دعاءِ عطار

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”فضول ڳالهين کان بچڻ جي فضيلت“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي فُضوليات کان بچاءِ، نيڪ بڻاءِ ۽ باربار حج ۽ ديدارِ مدينہ جو شرف نصيب فرماءِ. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ ڪم اچي ويو

حضرت سيّدنا ابوبڪر شبلي بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون پنهنجي مرحوم پاڙيسري کي خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني اللّٰہ پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان چيو: مان سخت مصيبتن ۾ مبتلا ٿيس، منڪر نڪير جي سوالن جا جواب بہ مان نہ پيو ڏئي سگهيس، مون دل ۾ خيال ڪيو تہ شايد منهنجو خاتمو ايمان تي ناهي ٿيو! ايتري ۾ آواز آيو: ”دنيا ۾ زبان جي غير ضروري استعمال جي سبب توکي اها سزا ڏني پئي وڃي.“ هاڻي عذاب وارا ملائڪ مون ڏانهن وڌيا. ايتري ۾ هڪ عمده خوشبو وارو صاحب منهنجي ۽ عذاب جي وچ ۾ پردو بڻجي

[1] هي مضمون امير اهل سُنت جي ڪتاب ”گفتگو جا آداب“ مان ڪنيو ويو آهي.

ويو ۽ انهن مون کي منڪر نڪير جي سوالن جا جواب ياد ڏياريا ۽ مون انهيءَ طرح جواب ڏنا. اَلْحَمْدُلِلّٰه عذاب مون کان پري ٿي ويو. مون ان بزرگ کي عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان تي رحم فرمائي اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: تنهنجي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي برڪت سان مان پيدا ٿيو آهيان ۽ مون کي هر مصيبت جي وقت تنهنجي مدد تي نامزد ڪيو ويو آهي.“ (القول البديع ص: 260)

آپ کا نامِ نامی اے صلِّ علیٰ ہر جگہ ہر مُصیبت میں کام آ گیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هتي اڄڪلهه بدقسمتي سان خاموش رهڻ وارا تمام گهٽ ملن ٿا. ڪن جي زبان ته سڄو ڏينهن هلندي رهي ٿي، صرف ننڊ ڪرڻ وقت زبان کي ڪجهه آرام ملندو هوندن، ۽ ڪجهه ته ننڊ ۾ به ڳالهيون ڪرڻ لڳندا آهن! جيڪو گهڻو ڳالهائيندو آهي ڪڏهن ڪڏهن ان جي وات مان ڪوڙ به نڪري سگهي ٿو، غيبت به ٿي سگهي ٿي، چغل خوري به ڪري ويهندو هوندو، راز به ظاهر ڪري ويهندو هوندو، دليون به ڏکائيندو هوندو، ماڻهن جي هر ڳالهه کي قينچي وانگر ڪٽيندو رهڻ جي سبب پنهنجو وقار به وڃائيندو هوندو. اڪثر ائين به ٿيو هوندو ڳالهائي پڇتائيندو هوندو، پوءِ باتوني شخص جي ”بَڪ بَڪ“ ڪرڻ سان ٻين کي به ته بيزاري ٿيندي آهي، ماڻهو تنگ ٿي ان کان پيڇو ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مطلب ته گهڻو ڳالهائڻ واري شخص ۾ بيشمار نقصان آهن. انهيءَ ڪري ته

ڪنهن چيو آهي: نہ ڳالهائڻ ۾ 9 ڱڻ (يعني 9 خوبيون) چو تہ خاموش انسان ڪيترن ئي آفتن کان امن ۾ رهندو آهي. اللّٰه ڪريم اسان سڀني کي بي ضرورت ڳالهائڻ کان محفوظ فرمائي ۽ زبان جي آفتن کان بچائي. اٰمِيْنْ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اللّٰه پاڪ کي فضول ڳالهيون ناپسند آهن

اللّٰه پاڪ کي فضول ڳالهيون ناپسند آهن، قرآنِ ڪريم سيپاري 18 سورت المؤمنون آيت 3 ۾ فضول ڳالهين جي متعلق ارشاد فرمائي ٿو:

وَ الَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ۙ﴿۳﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهي جيڪي فضول ڳالهہ کان منهن موڙيندڙ آهن،

## آيتِ مبارڪ جي تفسير

هن آيت مبارڪ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارن مؤمنن جي ٻي خوبي جي باري ۾ بيان فرمايو ويو آهي تہ هو هر راند روند ۽ باطل کان بچيا رهندا آهن. هن آيت مبارڪ ۾ "لَغو" جو تذڪرو آهي هن سلسلي ۾ تفسير صراط الجنان جلد 6 صفحي 499 کان 501 تي آهي: علامہ احمد صاوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "لَغو" مان مراد هر اهو قول، فعل ۽ ناپسنديده يا مباح ڪم آهي جنهن جو مسلمانن کي ديني يا دنياوي ڪو فائدو نہ

هجي جيئن مذاق مسخري، بيهوده (يعني فضول) گفتگو، راند روند، فضول ڪمن ۾ وقت ضايع ڪرڻ، شَهْوات (يعني خواهشات) پوري ڪرڻ ئي ۾ لڳو رهڻ وغيره اهي سمورا ڪم جن کان الله پاڪ منع فرمايو آهي. خلاصو هي آهي ته مسلمان کي پنهنجي آخرت جي بهتري لاءِ نيڪ عمل ڪرڻ ۾ مصروف رهڻ گهرجي يا اهو پنهنجي زندگي گذارڻ جي لاءِ ضرورت مطابق (حلال) مال ڪمائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهي.“ (تفسير صاوي ج: 4،3، ص: 1356-1357)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيڪار ڳالهين کان بچڻ جي ترغيب

احاديث ۾ به فضول ۽ بيڪار ڳالهين کان بچڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي، جيئن ته حضرت سَيِّدُنا ابُو هرَيرَه رَضِیَ اللهُ عَنْه کان مروي آهي، رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: انسان جي اسلام جي چڱائي مان هي آهي ته اهو فضول شيءِ ڇڏي ڏي.“ (موطا امام مالک، ج :2، ص: 403، حديث: 1718) يعني جيڪا شيءِ نفعو نه ڏئي ان ۾ نه پوي، زبان، دل ۽ ٻين عضون کي بيڪار ڳالهين ڏانهن متوجهه نه ڪري. (بهار شريعت، ج: 3، ص: 520)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نجات ڇا آهي؟

حضرت عُقبه بن عامر رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مان حضور اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْہِ

وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم: نجات ڇا آهي؟" ارشاد فرمايائون: پنهنجي زبان کي پڪڙي رکو ۽ اوهان جو گهر اوهان جي لاءِ گنجائش رکي (يعني بيڪار هيڏانهن هوڏانهن نہ وڃو) ۽ پنهنجي غلطيءَ تي لڙڪ وهايو. (ترمذي، ج: 4، ص: 182، حديث: 2414)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## زبان جي حفاظت ڪرڻ جي ضرورت ۽ ان جا فائدا ۽ نقصان

ياد رهي تہ زبان جي حفاظت ۽ نگراني ۽ فضول ۽ بيڪار ڳالهين کان هن کي پري رکڻ نهايت ضروري آهي ڇوتہ وڏيڪ سرڪشي ۽ سڀ کان وڏيڪ فساد ۽ نقصان هن ئي زبان کان ظاهر ٿيندو آهي ۽ جيڪو شخص زبان کي آزاد ڇڏي ڏيندو آهي ۽ ان جو لغام ڍرو ڪري ڇڏي ڏيندو آهي تہ شيطان ان کي هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيندو آهي. زبان جي حفاظت ڪرڻ جو هڪ فائدو هي بہ آهي تہ ان سان نيڪ اعمال جي حفاظت ٿيندي آهي ڇو تہ جيڪو شخص زبان جي حفاظت ناهي ڪندو بلڪ هر وقت گفتگو ۾ مصروف رهندو آهي تہ اهڙو شخص ماڻهن جي غيبت ۾ مبتلا ٿيڻ کان بچي ناهي سگهندو، اهڙي طرح ان کان ڪفريہ لفظ نڪري وڃڻ جو انديشو (يعني RISK) رهندو آهي ۽ اهي ٻئي اهڙا عمل آهن جنهن سان ٻانهن جا نيڪ اعمال ضايع ٿي ويندا آهن.

## ڪجور جو ٿالھ (واقعو)

حضرت امامِ حسن بصري رَضِيَ اللهُ عَنْه کي ڪنهن شخص چيو: فلاڻي

شخص اوھان جي غيبت ڪئي آھي. اھو ٻڌي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ غيبت ڪرڻ واري انسان ڏانھن ڪجور جو ٿالھ ﭘري روانو ڪيو ۽ ڳڏوڳڏ اھو چورائي موڪليو تہ: ٻڌو آھي تہ توھان مون کي پنھنجون نيڪيون ھديو (يعني GIFT) ڪيون آھن، تہ مون انھن جو بدلو ڏيڻ بھتر سمجھو (انڪري کجور جو ھي ٿال حاضر آھي.) (منھاج العابدين، ص: 65)

## ماڻھو ڪٿي تنھنجا ڏند نہ ﭘجي ڇڏين

۽ ٻيو فائدو ھيءُ آھي تہ زبان جي حفاظت ڪرڻ سان انسان دنيا جي آفت کان محفوظ رھندو آھي، جيئن حضرت سيدنا سفيان ثوري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: زبان مان اھڙي ڳالھہ نہ ڪيو جنھن کي ٻڌي ماڻھو اوھان جا ڏند ﭘجي ڇڏين. ھڪ ٻيو بزرگ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائي ٿو: پنھنجي زبان کي بي لغام نہ ڇڏيو ڪٿي ھي توھانکي ڪنھن فساد ۾ مبتلا نہ ڪري ڇڏي.(منھاج العابدين، ص: 66)

## ھڪ فضول سوال جي نرالي سزا (واقعو)

زبان جي حفاظت نہ ڪرڻ جو ھڪ نقصان ھي آھي تہ انسان ناجائز ۽ حرام، لَغو ۽ بيڪار ڳالھين ۾ مصروف ٿي ڪري گناھن ۾ مبتلا ٿيندو ۽ پنھنجي زندگي جي قيمتي شيءِ ”وقت“ کي ضايع ڪري ڇڏيندو آھي. حضرت حسّان بن سِنان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي باري ۾ مروي آھي تہ پاڻ ھڪ ڇت مٿان ٺھيل ڪمري وٽان گذريا تہ سندس مالڪ کان ﭘڇيائون: ھي مٿيون ڪمرو ٺھرائيندي اوھان کي ڪيترو عرصو ٿيو آھي؟ اھو سوال ڪرڻ کان بعد پاڻ کي دل ۾ سخت شرمندگي ٿي ۽ نفس کي مخاطب ڪندي

هيئن فرمايائون: ”اي مغرور نفس! تون فضول ۽ اجايي سوالن ۾ قيمتي وقت کي ضايع ڪرين ٿو!“ پوءِ ان فضول سوال جي ڪفاري ۾ سندن هڪ سال روزا رکيا. (منهاج العابدين، ص: 65)

## دوزخ جو عذاب ڪو برداشت نہ ڪري سگهندو

۽ ٻيو نقصان هي تہ ناجائز ۽ حرام گفتگو جي سبب انسان قيامت جي ڏينهن جهنم جي عذاب ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو جنهن کي برداشت ڪرڻ جي طاقت ڪنهن ۾ ناهي. تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ انسان پنهنجي زبان جي حفاظت ڪري ۽ هن کي ان ڳالهين ۾ استعمال ڪري جيڪي کيس دنيا ۽ آخرت ۾ نفعو ڏين. الله پاڪ تمام مسلمانن کي زبان جي حفاظت ۽ نگراني ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (صراط الجنان، ج: 6، ص: 499 تا 501)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وزندار اعمال

حضرت سيّدنا ابوذر غِفاري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه بيان ڪن ٿا تہ الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي ارشاد فرمايو: ”ڇا مان توهان کي اهڙو عمل نہ ٻڌايان جيڪو بدن تي هلڪو ۽ ميزان (يعني SCALE) تي وزنائتو هجي؟ مون عرض ڪيو: ڇو نہ. ارشاد فرمايائون: اهو خاموشي، سٺا اخلاق ۽ بي فائده گفتگو کي ڇڏي ڏيڻ آهي. (الصمت لا بن ابي الدنيا مع موسوعه، ج: 7، ص: 87، حديث: 112)

## انسان جي خوبصورتي ڪهڙي آهي؟

پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجي چاچي حضرت عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه کي فرمايو: اوهان جي خوبصورتيءَ مون کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو آهي. حضرت عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! انسان جي خوبصورتي ڪهڙي آهي؟ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ان جي زبان. (ادب الدنيا والدين، ص: 241)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نصيحت

جنتي نوجوانن جا سردار، صحابي ابن صحابي حضرت امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه بيان ڪن ٿا: مون پنهنجي ناني سائين صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي صحابهِ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي جيڪي نصيحتون ڪندي ٻڌو انهن مان هڪ اها بہ آهي تہ: ”خوشخبري آهي ان جي لاءِ جيڪو فضول گفتگو کان بچيو.“ (حلية الاوليا، ج: 3، ص: 236، حديث: 3817)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعاءِ مصطفٰي

حضرت سيّدنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه بيان ڪن ٿا تہ: حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ٽي پيرا هيءَ ڳالهہ ارشاد فرمائي: الله پاڪ ان تي رحم

فرمائي! جيڪو ڳالھ ڪندو آھي تہ فائدو (يعني ثواب) ماڻيندو آھي ۽ خاموش رھندو آھي تہ سلامت رھندو آھي.)

(شعب الايمان، ج: 4، ص: 241، حديث: 4938)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰهُ ربُّ الْعِزّت جي نظرِ عنايت ڦري وڃڻ جي علامت

فرمانِ حضرت امامِ حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انسان جو بي فائده ڪمن ۾ مشغول رھڻ ھن ڳالھ جي علامت (يعني نشاني) آھي تہ اللّٰه پاڪ ان کان پنھنجي نظرِ رحمت ڦيري ڇڏي آھي. (التمهيد لا بن عبد البر، ج: 4، ص 179)

## فضول ڳالھائڻ واري جا گناھ سڀ کان وڌيڪ

صحابي ابن صحابي حضرت سيّدنا عبداللّٰه بن ابي اَوفٰي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما بيان ڪن ٿا: مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينھن ماڻھن مان سڀ کان گھڻا گناھ ان جا ھوندا جيڪو سڀ کان وڌيڪ بيڪار ۽ فضول ڳالھيون ڪري. (جامع صغير، ص: 86، حديث: 1386)

**حديث جي شرح:** ان ڪري جو جيڪو گھڻيون ڳالھيون ڪندو ان ۾ بيڪار ۽ شريعت جي خلاف ڳالھيون بہ گھڻيون ھونديون پوءِ خلافِ شريعت ڳالھين سان ان جا گناھ وڌندا ۽ ھن طرف ان جي توجھ بہ نہ ھوندي. (التيسير شرح الجامع الصغير، ج: 1، ص200، فتاوىٰ رضويه، ج: 28، ص: 645 تسهيلاً)

## حضرت عبد اللّٰه ابن ابي اَوفٰي جو ذکر خير

اچو هي روايت بيان ڪرڻ واري صحابيِ نبي حضرت سيّدنا عبداللّٰه بن ابي اَوفٰي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُما جا مبارڪ حالات پڙهون ٿا، سندن نالو: عبداللّٰه بن ابي اَوفٰي ۽ ڪُنيت: ابو معاويہ آهي.

## زڪوٰة ڏيڻ واري جي لاءِ دعا

صحابي ابن صحابي حضرت سيّدنا عبد اللّٰه بن ابي اَوفٰي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُما بيان ڪن ٿا: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ منهنجو والد (ابي اَوفٰي رَضِیَ اللهُ عَنۡه) زڪوٰة کڻي حاضر ٿيو تہ پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هيءَ دعا ڏني: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى اٰلِ اَبِيْ اَوْفٰى يعني اي اللّٰه! ابو اوفٰي جي آل تي رحمت نازل فرماءِ! (بخاري، ج: 1، ص: 504، حديث: 1497 مختصراً)

مشهور مُفَسِّر حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يارخان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي وضاحت ۾ لکن ٿا: حضرت عبداللّٰه رَضِیَ اللهُ عَنۡه فخريہ طور خدا جو شڪر ادا ڪري رهيا آهن تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جون دعائون اسان کي ۽ اسان جي والد صاحب کي بہ ملي چڪيون آهن. ڪن فرمايو تہ هتي لفظ آل اضافي آهي پر صحيح اهو آهي تہ آل پنهنجي معنٰي ۾ ئي آهي، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! رڳو انهن ماڻهن کي ئي نہ بلڪ ڪين ٻارن ٻچن تمام گهروارن کي بہ دعائون ڏيندا هئا. (مرآت، ج: 3، ص: 11)

## صحابيِ نبي سان امام ابو حنيفہ جي ملاقات

مرآت ۾ آهي: حضرت سيّدنا عبد الله بن ابي اَوفٰي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کوفي ۾ 87 هجري ۾ وفات ماڻڻ وارا آخري صحابي آهن. پاڻ انهن اصحابي سڳورن مان آهن جن سان حضرت امام ابو حنيفہ (رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ) جي ملاقات ٿي چو تہ سندن وفات وقت امام اعظم جي عمر 7 سال (۽ ڪن جي مطابق 17 سال) هئي. (نزهۃ القادري ج: 1، ص: 70 ماخوذاً)(مرأت ج 5 ص382). الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب ! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## فضول ڳالھ ڇا کي چوندا آهن؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ "اِحيَاءُ الۡعُلُوم" ۾ فرمائن ٿا: جيڪڏهن هڪ ڪلمي(يعني لفظ) سان گفتگو ڪرڻ واري جو مقصود(يعني مطلب) حاصل ٿي سگهي ٿو ۽ اهو ٻہ ڪلما(يعني ٻہ لفظ) استعمال ڪري تہ ٻيو ڪلمو فضول يعني ضرورت کان وڌيڪ هوندو. (احياءَ العلوم ج: 3، ص: 141) جيڪڏهن هڪ ڪلمي سان ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي تہ اهڙي صورت ۾ ٻہ يا ضرورت موجب جيترا بہ لفظ ڳالهايا ويا اهي فضول ۾ شمار نہ ٿيندا. جن شين ۾ نقصان ۽ پڪڙ ۽ عذاب آهي ان کان بچڻ تہ هر انسان جي عقل جي بہ تقاضا آهي، پر جيڪي ڳالھيون اهڙيون

هجن جن مان نہ نفعو ملي نہ ئي نقصان اهي بہ اصل ۾ نقصان واريون ئي ڳالهيون آهن. چوتہ جيتري دير تائين فضول ڳالهيون ڪيون اوتري دير ۾ ذڪر ۽ درود تي سگهيو ٿي. اهڙن فائدن جو ضايع ٿيڻ نقصان ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ وري جڏهن فضول ڳالهيون شروع ٿينديون آهن تہ وڌندي وڌندي (اڪثر ڪري) ماڻهن جي برائين ۽ غيبتن ۾ مبتلا ٿيڻ جي نوبت اچي ويندي آهي. ان ڪري ڀلائي هن ۾ آهي تہ خاموش رهي يا الله پاڪ جو ذڪر ڪري، ۽ ضرورت موجب دنيا جي ٿوري گهٽي ڳالهہ ڪري جيڪا جائز ڪمن جي حوالي سان هجي، دنيا جي جائز ڳالهين جي ڪثرت بہ دل ۾ قساوت يعني سختي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ بڻجي ويندي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خاموشي فڪرِ آخرت سان خالي هجي تہ غفلت آهي

حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جو ارشاد مبارڪ آهي تہ الله پاڪ جي ذڪر کان جيڪا گفتگو خالي آهي اها لَغْو (يعني فضول) آهي ۽ جيڪا خاموشي فڪرِ آخرت سان خالي آهي اها **غفلت** آهي. ۽ جيڪا نگاهہ عبرت سان خالي آهي اها فضول ۽ بيڪار آهي. اهو شخص مبارڪ (يعني برڪت وارو) آهي جنهن جي ڳالهہ ٻول ۾ الله پاڪ جو ذڪر آهي، جنهن جي خاموشي ۾ غور و فڪر آهي، جنهن جي اک ۾ عبرت آهي. (تنبيه الغافلين، ص: 115)

اي عاشقانِ رسول! هن عيسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي فرمان ۾ اهو بہ آهي تہ ”جيڪا خاموشي فڪر آخرت کان خالي آهي اها غفلت آهي“ اچو معلوم ڪريون ٿا تہ غفلت ڇا آهي. ”اَلتّعَرِيۡفات“ ۾ آهي: اَلۡغَفۡلَة: مُتَابَعَةُ النَّفۡسِ عَلٰى مَا تَشۡتَهِيۡهِ- يعني ”نفس کي خواهشن جي پنيان لڳائي رکڻ غفلت چورائيندو آهي.“ (التعريفات للجر جاني ص: 116)

غافلن جي مذمت ۾ قرآن ڪريم سيپاري 9 سورة الاعرف آيت 205 ۾ ارشادِ الٰهي آهي:

وَ اذۡكُرۡ رَّبَّكَ فِيۡ نَفۡسِكَ تَضَرُّعًا وَّ خِيۡفَةً وَّ دُوۡنَ الۡجَهۡرِ مِنَ الۡقَوۡلِ بِالۡغُدُوِّ وَ الۡاٰصَالِ وَلَا تَكُنۡ مِّنَ الۡغٰفِلِيۡنَ ﴿۲۰۵﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي ربّ کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪيو ٻاڏائيندي ۽ ڊڄندي ۽ ڏاڍيان کان ڪجهہ گهٽ آواز ۾، صبح ۽ شام ۽ غافلن مان نہ ٿجانءِ.

## مون کي توهان تي غفلت جو خوف آهي

بخاري شريف جي هڪ حديث پاڪ ۾ هي بہ آهي تہ: الله پاڪ جو قسم! مون کي توهان تي فَقُر (يعني غربت) جو خوف ناهي پر مون کي ڊپ آهي تہ توهان تي دنيا وسيع ڪئي ويندي جيئن توهان کان پهرين قومن تي وسيع ڪئي وئي هئي، سو توهان بہ هن دنيا خاطر پهرين ماڻهن وانگر پاڻ ۾ مقابلا ڪندؤ ۽ هي توهان کي غفلت ۾ وجهي ڇڏيندي جيئن هن اڳوڻين قومن کي غافل ڪري ڇڏيو. (بخاري، ج: 4، ص: 225تا 226، حديث: 6425)

## بلڪ نمازون قضا ٿي وڃڻ تي روئي رهيو آهيان

”مڪاشفة القلوب“ ۾ آهي: حضرت سيّدنا شيخ ابوعلي دَقّاق رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ تمام وڏو وليُّ الله رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه سخت بيمار هو، مان ان جي عيادت جي لاءِ حاضر ٿيس، عقيدتمندن جو چوڌاري هُجُوم هو، اهو بزرگ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه روئي رهيو هو، مون عرض ڪيو: سائين! ڇا دنيا کي ڇڏڻ تي روئي رهيا آهيو؟ فرمايائون: نہ بلڪ نمازون قضا ٿيڻ تي روئي رهيو آهيان، مون عرض ڪيو: سائين! توهان جون نمازون ڪيئن قضا ٿيون؟ فرمايائين: مون جڏهن بہ سجدو ڪيو تہ **غفلت** سان ۽ جڏهن بہ سجدي مان مٿو ڪنيو تہ **غفلت** سان ۽ هاڻي **غفلت** ۾ ئي موت اچي رهيو آهي، پوءِ درد ڀريءَ دل مان ٿڌو ساهہ کڻندي چار عربيءَ جا شعرَ پڙهيائين جن جو ترجمو هي آهي: ﴿1﴾ مون پنهنجي حشر، قيامت جي ڏينهن يا قبر ۾ پنهنجي ڳلن جي پيل رهڻ جي باري ۾ غور ڪيو ﴿2﴾ ايتري عزّت ۽ بلندي کان پوءِ مان اڪيلو پيو هوندس ۽ پنهنجي ڏوهن جي سبب گروي هوندس ۽ مٽي ئي منهنجو وهاڻو هوندي ﴿3﴾مون پنهنجي حساب جي ڊگهي هجڻ ۽ اعمالنامو ڏنو وڃڻ جي وقت جي ذلت جي باري ۾ بہ سوچيو ﴿4﴾ پر اي منهنجا پيدا ڪرڻ وارا ۽ مون کي پالڻ وارا! مون کي تو مان رحمت جي اميد آهي تون ئي منهنجي خطائن کي بخشڻ وارو آهين. (مُڪاشفةُ القُلوب، ص: 22)

## روئندو جهنم ۾ داخل ٿيندو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت ۾ ڪيتري قدر عبرت آهي،

ٿورو انهن الله وارن کي ڏسو جن جو هر لمحو يادِ الٰهي ۾ گذرندو آهي پر پوءِ به عاجزيءَ جو عالم هي آهي جو پنهنجي عبادتن ۽ رياضتن کي خيال ۾ ئي نه ٿا آڻين ۽ الله پاڪ جي بي نيازيءَ کان ڊڄندي روئي رهيا آهن. افسوس! غفلت ۾ رهڻ وارن تي هزار ڀيرا افسوس جو وٽن نيڪيءَ جي نون جيترو ٽڪو به ڪونهي ۽ اخلاص جو پري پري تائين نالو نشان ڪونهي پر پوءِ به حال هي آهي جو پنهنجي عبادتن جون وڏيون وڏيون دعوائون ڪندي نٿا ٿڪجن. الله پاڪ جا نيڪ ٻانها گناهن کان محفوظ هجڻ جي باوجود خوفِ الٰهي کان ڏڪندا ڪنبندا ۽ نير وهائيندا رهندا آهن پر غافل ماڻهن جو حال هي آهي جو بنا ڪنهن هٻڪ جي گناهن جو سلسلو جاري رکندا آهن، پنهنجي گناهن جو عام اعلان ڪندا رهندا آهن ۽ پوءِ ان تي وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندي ٿورو شرمسار به ناهن ٿيندا، ڪَنَ کولي ٻڌو! حضرت ابن عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا فرمائن ٿا: ”جيڪو کِلي کِلي گناهه ڪندو اهو روئندو جهنم ۾ داخل ٿيندو.“ (مُکاشفۃُ القُلوب، ص: 275)

گناہوں سے مجھ کو بچا یا اِلٰہی! بُری عادتیں بھی چُھڑا یا اِلٰہی!

(وسائلِ بخشش، ص: 100)

## بزرگ خواب ۾ بشارت ڏني

اي عاشقانِ رسول! غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿيڻ، گناهن جي عادت ڇڏائڻ ۽ سنتن تي عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي سنتن سکڻ سيکارڻ جي مدني قافلن ۾ سفر ڪيو. اوهان جي ترغيب جي لاءِ

هڪ ايمان افروز ”مدني بهار“ پيش ڪجي ٿي: جيئن ته وهاڙي پنجاب جو هڪ اسلامي ڀاءُ ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان مختلف گناهن ۾ مبتلا هو، هو جسماني طور جيتوڻيڪ صحت مند هو پر عبادت جي معاملي ۾ نهايت ڪمزور هو، جيئن جيئن جواني جي ويجهو ٿيندو ويو ائين ائين نيڪين کان دور ٿيندو ويو. برائين ۾ زندگي گذارڻ لڳو، ڳائڻ وڄائڻ، فلمون ڊراما، ڪوڙ، غيبت ۽ طرح طرح جي گناهن ۾ وقت برباد ٿيندو رهيو ۽ رڳو اهو ئي نه بلڪ ان جو ڊائون لوڊنگ جو دڪان هو جنهن جي ذريعي اهو پاڻ ته گناهه ڪندو ئي هو ويتر ٻين جي موبائلن ۾ فلمون ڊراما، گانا، ڊائون لوڊ ڪري انهن جي هن گناهه ۾ شريڪ ٿي ويندو هو ۽ ان جا پئسا به وٺندو هو. ان جي زندگي گناهن جي انڌيري ۾ ٻڏل هئي، ايستائين جو هو پاڻ کي دنيا جو سڀ کان برو انسان سمجهڻ لڳو، باقي ان کي دعوت اسلامي سان نندپڻ کان ئي محبت هئي جنهن جي ڪري اهو اسلامي ڀائرن سان رابطو ڪري ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو. مدني قافلي ۾ ان کي گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو، جنهن جي سبب ان جي محبت دعوت اسلامي سان ويتر وڌي وئي. هڪ ڏينهن جڏهن هو گهر جي حالات جي ڪري پريشان هو ۽ انهيءَ پريشاني جي عالم ۾ جڏهن هي سُتو ته خواب ۾ ڏٺائين ته هڪ بزرگ ان کي فرمائي رهيا آهن ته ”نندي ڀاءُ کي وٺي فيضانِ مدينه (ڪراچي) اچي وڃجان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم سڀ ڪجهه نيڪ ٿي ويندو“ ايترو ٻڌڻ هو ۽ ان جي اک کلي پئي. پوءِ ان گهر وارن کي اهو خواب ٻڌايو ۽ نندي ڀاءُ کي وٺي فيضانِ مدينه ڪراچي وڃڻ جي اجازت گهري، جنهن تي سندس گهروارا راضي ٿي ويا. فيضانِ مدينه

ڪراچي پهچي انهن ٻنهي ڀائرن پوري رمضان جو اعتڪاف ڪيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه اعتڪاف جي برڪت سان ان پنهنجي سمورن گناهن کان توبهه ڪئي ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائڻ سان گڏو گڏ حضور غوثِ اَعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مريدن ۾ به شامل ٿي ويو.

اي عاشقانِ رسول! جواني ۾ توبهه ڪري وٺڻ ۽ اللّٰهُ ربُّ الْعِزّت جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ مشغول ٿي وڃڻ تمام وڏي سعادت آهي. اللّٰه جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خوشين ڀريو فرمان آهي: جواني ۾ توبهه ڪرڻ وارو شخص اللّٰه پاڪ جو محبوب (يعني پيارو) آهي. (ڪتاب التوبة مع موسوعه امام ابن ابي دنيا، ج: 3، ص: 422، حديث: 184)

پنهنجي جواني عبادت ۾ گذارڻ واري کي قيامت جي ڏينهن عرش جي ڇانوَ نصيب ٿيندي. (مسلم ص: 399، حديث: 2380) پڻ صوفي سڳورا فرمائن ٿا ته جواني جي عبادت پوڙهائپ جي عبادت کان افضل آهي جو عبادتن جو اصل وقت جواني آهي.

کر جوانی میں عبادت کاہلی اچھی نہیں | جب بڑھاپا آگیا کچھ بات بن پڑتی نہیں
ہے بڑھاپا بھی غنیمت جب جوانی ہو چکی | یہ بڑھاپا بھی نہ ہو گا موت جس دم آگئی

(مرأة المناجيح : ج: 3، ص: 167)

اللّٰهُ ربُّ الْعِزّت اسان کي زندگي جي آخري ساهه تائين پنهنجو فرمانبردار رکي ۽ عبادت ۾ اخلاص ۽ لذت نصيب ڪري. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ڳالهائڻ ۽ چپ رهڻ جا ۾ قسم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اِمْلَاءُ الْخَيْرِ خَيْرٌ مِّنَ السُّكُوْتِ وَالسُّكُوْتُ خَيْرٌ مِّنْ اِمْلَاءِ الشَّرِّ يعني چڱي ڳالهه ڪرڻ خاموشي کان بهتر آهي ۽ خاموش رهڻ بري ڳالهه ڪرڻ کان بهتر آهي. (شعب الايمان ج: 4، ص: 256، حديث: 4993) حضرت علي بن عثمان هجويري حنفي اَلْمعروف داتا گنج بخش رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "ڪَشْفُ الْمَحْجُوب" ۾ فرمائن ٿا: ڪلام (يعني ڳالهائڻ) ٻہ قسمن جو هوندو آهي. هڪ ڪلامِ حق (يعني سٺي گفتگو) ۽ ٻيو ڪلامِ باطل (يعني غلط ۽ بيڪار گفتگو)، اهڙي طرح خاموشي بہ ٻہ قسمن جي هوندي آهي: (1) بامقصد خاموشي (مثال طور فڪرِ آخرت يا شرعي احڪام تي غور ۽ تحقيق ڪرڻ وغيره جي لاءِ چپ رهڻ) (2) غفلت واري (يا معاذالله خراب تَصَوُرات يا دنيا جي بي جا خيالن سان ڀريل) خاموشي. هر شخص کي سڪوت (يعني خاموشي) جي حالت ۾ خوب غور ڪرڻ گهرجي تہ جيڪڏهن هن جو ڳالهائڻ حق (يعني سٺو) آهي تہ هاڻي ڳالهائڻ ان جي خاموشيءَ کان بهتر آهي ۽ جيڪڏهن ان جو ڳالهائڻ باطل (يعني غلط يا فضول) آهي تہ اهڙي موقعي تي ان جي خاموشي ان جي ڳالهائڻ کان بهتر آهي. حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گفتگو جي حق يا باطل هئڻ جي متعلق سمجهائڻ جي لاءِ هڪ واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا: حضرت ابوبڪر شبلي بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيري بغداد شريف جي هڪ محلي مان گذرندي هڪ شخص کي چوندي ٻڌو: اَلسُّكُوْتُ خَيْرٌ مِّنَ الْكَلَامِ يعني "خاموشي ڳالهائڻ کان بهتر آهي." پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي فرمايو: "(چو تہ هر صورت ۾ خاموشي چڱي ناهي تنهنڪري) تنهنجا (هي جملا) چوڻ

کان تنهنجو خاموش رهڻ پلو آهي ۽ منهنجو ڳالهائڻ خاموش رهڻ کان بهتر آهي.“ (ماخوذ آز کشف المحجوب، ص: 402)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## زبان جي حفاظت نہ ڪرڻ واري تي شيطان غالب اچي ويندو آهي

گهڻي ”فضُولي ڳالهائڻ“ وارن تي شيطان غالب اچي ويندو آهي، ڇوتہ جڏهن انسان گهڻو ڳالهائيندو هوندو آهي تہ غلطين جو گمان وڌي ويندو آهي. ۽ تي سگهي ٿو شيطان ان کان گناهہ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي. باقي جيڪو خاموش رهڻ جو عادي آهي اهو شيطان تي غالب اچي ويندو آهي. حضرت سيّدنا ابو سَعيد خُدري رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي: هڪ شخص مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي ڪا نصيحت فرمايو. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ جي تقوٰي کي لازمي پڪڙ جو سيني ڀلائين جي اصل (يعني پاڙ) آهي ۽ جهاد کي لازم پڪڙ جو هي اهل اسلام جي رهبانيّت (يعني گوشہ نشيني) آهي ۽ ذڪرُالله ۽ تلاوتِ قرآن پاڪ جي پابندي ڪر جو هي اوهان جي لاءِ زمين ۾ نور ۽ آسمانن ۾ توهان جي تذڪري جو سبب هوندو. ۽ خير جو ڪلمو (يعني چڱي ڳالهہ) کان سواءِ پنهنجي زبان جي حفاظت ڪريو جو ان جي ڪري توهان شيطان تي غلبو ماڻيندؤ. (معجم صغير، ج: 2، ص:66)

## شيطان جو سڀ کان وڏو هٿيار

حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ”اِحۡيَاءُ الۡعُلُوم“ ۾ فرمائن ٿا: انسان کي ڀٽڪائڻ ۾ زبان شيطان جو سڀ کان وڏو هٿيار آهي. (احياء العلوم، ج: 3، ص: 133)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## صديقِ اڪبر وات ۾ پٿر رکندا ها

مسلمانن جا پهريان خليفا عاشقِ اڪبر، امير المومنين حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنۡه قطعي(يعني يقيني) جنتي هجڻ جي باوجود زبان جي معاملي ۾ ڪافي احتياط ڪندا هئا، ”اِحۡيَاءُ الۡعُلُوم“ ۾ آهي: ”امير المومنين حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنۡه پنهنجي مبارڪ وات ۾ پٿر رکي ڇڏيندا ها ته جيئن ڳالهائڻ جو موقعو ئي نه رهي.“ (احياءَ العلوم، ج: 3، ص: 137)

## 40 سالن تائين خاموشي جي مشق (واقعو)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اوهان واقعي خاموشي جي عادت بڻائڻ چاهيو ٿا ته هن کي سنجيده (يعني سيريس، SERIOUS) وٺڻو پوندو، ۽ چپ رهڻ جي خوب مشق (يعني PRACTICE) ڪرڻي پوندي، نه ته ٿوري ڪوشش سان خاموشي جي عادت بنجڻ ڏکئي آهي. زبان جي غير ضروري استعمال جي تباهه ڪارين کان پاڻ کي ڊيڄاريندي خاموشي جي عادت بنائڻ جي ڀرپور ڪوشش فرمايو

اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي. اچو! هڪ ڪوشش ڪرڻ واري جي استقامت جو واقعو ٻڌون ٿا، حضرتِ اَرۡطاه بن مُنۡذِر رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: هڪ صاحِب 40 سالن تائين خاموش رهڻ جي اهڙي طرح ”مشق، (يعني PRACTICE) ڪندا رهيا جو پنهنجي وات ۾ پٿر رکي ڇڏيندا ها، ايستائين جو (نماز يا ذڪر و اذڪار يا) ڪائڻ، پيئڻ يا سمهڻ کان علاوه هو پٿر وات مان نہ ڪڍندا ها. (الصمت مع موسوعه ابن ابي الدنيا ج: 7، ص: 256، قول نمبر 438)

## گفتگو لکي ڪري ان جو جائزو وٺڻ وارو بزرگ

تابعي بزرگ حضرت سيّدنا رَبيع بن خُثَيم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ 20 سالن تائين دنياوي ڳالهہ زبان مان نہ ڪڍي، جڏهن صبح ٿيندو هو تہ قلم ۽ مسُ (يعني INKPOT) ۽ ڪاغذ کڻندا هئا ۽ سڄو ڏينهن جيڪو ڳالهائيندا هئا اهو لکي وٺندا هئا (شام جو پنهنجو محاسبو (يعني پنهنجو جائزو) وٺندا هئا. يعني ان لکيل جي مطابق پنهنجي گفتگو جو جائزو وٺندا هئا. (احياء العلوم (اردو) ج: 3، ص: 339، احياء العلوم، ج: 3، ص: 137)

## گفتگو جي جائزي جو طريقو

پنهنجي ڳالهہ ٻول جو ”جائزو“ وٺڻ جو طريقو هيءُ آهي تہ پنهنجي هر هر ڳالهہ تي غور ڪري پنهنجو جائزو وٺي، مثال طور بغير زبان کي حرڪت ڏئي دل ئي دل ۾ پاڻ کان پڇي تہ فلاڻي ڳالهہ تو ڇو ڪئي؟ ان مقام تي ڳالهائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ فلاڻي ڳالهہ ٿورن لفظن ۾ بہ ٿي پئي سگهي پر ان ۾ فلاڻا فلاڻا لفظ وڌيڪ ڇو چيا؟ فلاڻي سان

گفتگو ڪندي سمجهڻ کان بعد ڇو؟ جي؟ وغيره ڇو چيو؟ ۽ سامهون واري ڪي پنهنجي ڳالهه ورجائڻ جي تڪليف ڇو ڏني؟ فلاڻي ڪي جيڪو جملو تو چيو اهو دل ڏکائيندڙ طنز هو، تو ان جي ناحق دل ڏکائي ڇڏي هلو هاڻي توبه به ڪيو ۽ ان اسلامي ڀاءُ کان معافي به گهرو، فلاڻي مجلس (يعني گيدرنگ، GATHERING) ۾ ڇو وئين جڏهن ته توکي خبر به آهي ته اتي فضول ڳالهيون به ٿينديون آهن ۽ فلاڻي فلاڻي ڳالهه ۾ تو هائو ۾ هائو ڇو ملائي هئي؟ اتي توکي ڳالا به ٻڌڻي پئي بلڪ تو ڳالا ٻڌڻ ۾ دلچسپي به ورتي هئي هلو پڪي توبهه ۽ اهڙين مجلسن (GATHERINGS) کان پري رهڻ جو به عزم ڪر. هن طرح عقل مند انسان پنهنجي گفتگو بلڪ روزانو جي ڪمن جو جائزو وٺي سگهي ٿو. ائين گناهه، بي احتياطيون، پنهنجون ڪجهه ڪمزوريون ۽ خاميون سامهون اچي سگهن ٿيون ۽ اصلاح جو ذريعو ٿي سگهي ٿو. دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ محاسبي ڪي جائزو چيو وڃي ٿو ۽ دعوت اسلامي جي”ديني ماحول“ ۾ روزانو گهٽ مان گهٽ 12 منٽ اعمال جو جائزو وٺڻ ۽ هن دوران نيڪ اعمال جو رسالو پرڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي.

ذِکر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زباں رہے میری فُضُول گوئی کی عادت نِکال دو

(وسائل بخشش، ص: 305)


## اعمال جو جائزو

سيني عاشقانِ رسول کي گهرجي ته روزانو گهٽ ۾ گهٽ 12 منٽ پنهنجي سڄي ڏينهن جي اعمال جو ”جائزو“ وٺن ۽ دعوت اسلامي جي

مڪتبة المدينه جي رسالي ”نيڪ اعمال“ ۾ ڏنل خانا پريو ۽ هر مهيني جي پهرين تاريخ تي اتان جي دعوت اسلامي جي”شعبهٔ اصلاح اعمال“ جي ذميدار کي جمع ڪرايو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم حسنِ اخلاق ۽ پرهيزگاري جو وڏو خزانو هٿ ايندو ۽ عشقِ رسول جا ڇلڪندڙ جام نصيب ٿيندا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net